آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي،
۽ خاڪ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي.

شاھ، سچل، ساميءَ جي ورثي وارا،
نَس نَس ۾ وھي ٿِي جن جي سنڌوُ ڌارا،
ٿِي رھن ملير ۾ مارُوئڙا،
۽ جھر جھنگل ۾ جھانگيئڙا،
برپٽ کي باغُ بڻائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت ...............

پريم پياوَ ايکي سان رھندا جڳ ۾،
محنت جو پياوَ پَريل جن جي رڳ رڳ ۾،
سيني سان پريمُ وڌائيندا،
ڪُجھ ڏيندا ۽ ڪُجھ پائيندا،
سنسار ۾ پريم وڌائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت.............

موھن جي دڙي جيان دبجي اوُچا رھندا،
طوُفان زلزلا سوُر ۽ سختيوُن سھندا،
ھيموُنءَ جيان ڦاسي کائيندا،
تہ بہِ مُرڪي مُرڪي ڳائيندا،
ھي ڪڌندي ڪنڌ ڪپائڻ وارا سنڌي.
آنڌيءَ ۾ جوت...........

ڊاڪٽر موتي پرڪاش

Fonts by Majid Bhurgri